عبدالقيوم صائب

"ادبي اصول" جو اڀياس

غلام محمد شاهواڻي، اسان جو اهو تعليمي ماهر آهي، جنهن نہ رڳو تعليمي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، پر ادبي ٻڙ ۾ ٻڻ پير پائي، ادبي دنيا کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي ويو آهي. هن جي انهن ادبي ڪتابن ۾ "شاهہ جو رسالو، ادبي خزانو، علمي خزانو، اسلامي افسانا ۽ ادبي اصول" اچي وڃن ٿا. انهن کان سواءِ هـن تصوف جي ڏس ۾ بادشاهہ پير دستگير جي مقالن کي "روحاني خزانہ" جي نالي سان سنڌيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. "ترڪن جـي بهادري، جوهرِ اسلام، رسولِ پاڪ، پهريون خليفو، ٻيو خليفو، ٽيون خليفو، چوٿون خليفو ۽ چاليهہ حديثون" هـن جـا تاريخي ۽ اسلامي ڪتاب آهن. تعليم تي "نظري ۽ عملي تعليم" لکيو اٿس ۽ نفسياتي "راز ۽ رمزون" نالي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنو اٿس. هن جون اهي خدمتون ڪنهن بہ صورت ۾ وساري نٿيون سگهجن. هتي اسين هن جي صرف "ادبي اصول" جـو اڀياس پيش ڪريون ٿا.

"ادبي اصول"، شاهواڻيءَ جو تنقيدي ڪتاب آهي، جنهن ۾ مختلف تنقيدي ڪتابن جو نچوڙ سمايل آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ هـو پـاڻ لـکي ٿـو، "هن ڪتاب ۾ جيڪي سـو نچوڙ آهي انگريزي، فارسي ۽ اردوءَ وارن انهن ڪتابن جو، جيڪي هن فن ۾ ممتاز ليکيا وڃن ٿا." هن ڪتاب جا ڀاڱا

آهن، جن مان پهريون ٢٧- مارچ ١٩٤٨ع تي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جڏهن هو پاڻ مسلم آرٽس ڪاليج حيدرآباد جو پرنسيپال هو. ان مان ظاهر آهي ته هن سنڌي ادب ۾ تنقيدي ڪتابن جي کوٽ ان وقت محسوس ڪئي جڏهن هو خود ڪاليج جي سرگرمين ۾ سرگرم ٿيو، جنهن جي پورائيءَ ۾ هيءَ ڪوشش ورتائين.

هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ چار باب آهن جن ۾: (١) ادب جي وصف (٢) ادب جي پيدائش (٣) ادب جي صداقت (٤) ادبي ڪتاب جون خصوصيتون (٥) ادبي ڪتابن جا موضوع (٦) اديب جون خصوصيتون (٧) ادبي ڪتابن پڙهڻ مان فائدا (٨) شعر جي وصف (٩) شعر ۽ سائنس جي ڀيٽ (١٠) شعر جو لباس (١١) شعر جو روح (١٢) محاڪات ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿي (١٣) تخيل ڪيئن ڪم اچي ٿو (١٤) شعر جو سينگار (١٥) نثر جا قسم (١٦) نثر جون خوبيون (١٧) تنقيد جي قلت (١٨) تنقيدنگاريءَ مان فائدا ۽ (١٩) نقاد ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن، جي عنوانن هيٺ لکيو ويو آهي. ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ ٻه باب آهن جن ۾ (١) ناول جا اهم جزا (٢) عمدي ناول جي پرک يا خصوصيتون (٣) ناول جو قصو ۽ ان موجب قسم (٤) ناول نويس جي طرز بيان (٥) شخصيتن جو خاڪو ڪڍڻ (٦) ناول جو روح (٧) ناول جو سينگار (٨) بذله سنجي (خوش طبعي) (٩) ناول زندگيءَ جو تفسير آهي (١٠) ناٽڪ ۽ ناول ۾ فرق (١١) اسٽيج جو ناٽڪ نويسيءَ تي اثر (١٢) پلاٽ جون پنج منزلون (١٣) پنجن منزلن جي وڌيڪ حقيقت - تمهيد، نزاع

واري منزل، پيچيدگيءَ، ترڪڻ بازي ۽ لاءِ- جو ذڪر ڪري نتيجو ڪڍي (١٤) ناٽڪ جي ٻن قسمن - "طنزيه" (Comedy) ۽ "الميه" (Tragedy) کي خاصو نروار ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

انهن عنوانن مان ظاهر آهي ته هن ڪتاب ۾ ادب جي صرف چئن شاخن: (١) تنقيد (٢) شعر (٣) ناول ۽ (٤) ناٽڪ ڏانهن ڌيان ڏنو آهي باقي لوڪ ادب، داستان، افساني، مضمون نگاري، لغت، گرامر ۽ ٻولي وغيره تي يا ته قلم ڪونه کنيو ويو آهي يا ته بنهه مختصر طور تي لکيو ويو آهي. ان لحاظ کان هي ڪتاب ادبي ميدان ۾ هڪ اڻپورو يا ڪچل قدم آهي، تنهن هوندي به ايترو چئي سگهجي ٿو ته هيءَ "ادبي مچ ۾ ساوڪ وارو "ٽڪرو" ضرور آهي، جنهن جو سالهي هٿو ڀاڻ آهي. شاهوانيءَ جي هيءَ ابتدائي ڪوشش ساراهڻ جوڳي آهي. ڪتاب جي ٻولي صاف، سٿري، سنجيده ۽ عام فهم آهي، جنهن ۾ انتخاب ۽ اختصار کان ڪم ورتو ويو آهي جا ڳالهه امتحان ۾ "نوٽ" لکڻ لاءِ ته ڪارگر ٿي سگهي ٿي، پر اسان جي ڪاليجي نوجوان کي ڪنهن به موضوع جو ڄاڻو نٿي بنائي سگهي.

ادب، اديب ۽ ادب جا موضوع

ادب ڇا آهي؟ تنهن بابت هي رايا ڏنا ويا آهن:

(١) ادب، انسان جي زندگيءَ جو خاڪو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان حياتيءَ جي گوناگون پهلوئن کان آگاهه ٿيون ٿا ۽ نوان نوان راز پروڙي، دنيا سان نئين نسبت ۽ تعلق

اختيار ڪريون ٿا، انسان جيڪو حياتيءَ جو معائنو ڪيو آهي ۽ مختلف پهلوئن جا مشاهدا مائي خيال ۽ ويچار ڪيو آهي، جن اجتماعي ڪمن ۾ انسان لازمي طور ۽ هميشه دلچسپي وٺندو رهي ٿو ۽ جيڪي آزمودا ۽ تجربا پرائي ٿو تن جو، علم ادب هڪ غيرفاني دفتر آهي، تنهن ڪري ڪٿي چئجي ته علم ادب، انساني زندگيءَ جو الفاظ ۾ دلفريب اظهار آهي يعني انسان جي حياتيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو مدار ۽ اهميت انهيءَ انساني زندگيءَ تي آهي، جنهن جو هو بيان ڏئي ٿو.

(٢) علم ادب جا مختلف نمونا فقط حياتيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائڻ جا جدا جدا طريقا آهن.

(٣) ادب فطرت جو نقل آهي.

(٤) ادب ۾ ظاهري صداقت ڪانهي، پر معنوي ۽ اصلي صداقت آهي. ادب خارجي صداقت نه، بلڪ داخلي يا اندروني سچائي پيش ڪري ٿو.

(٥) ساري علم ادب جي ذخيره جي مطالعي مان سڄي قوم جي روح ۽ روش جي واقفيت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(٦) علم ادب قوم جي تاريخ جي بيجان بوتي جو روح آهي. حقيقت ۾ علم ادب تاريخي واقعات جي مفصل تشريح آهي. تاريخ فقط ٻاهرين زندگيءَ جو خاڪو آهي، مگر قوم جي دماغي ۽ روحاني خصوصيتون سمجهڻ لاءِ ان جي علم ادب جي پڙهڻ جي ضرورت آهي.

(٧) اعـڙا ڪتاب جن جـو مقصد آهـي اطلاع ڏيڻ يـا معلومات وڌائڻ سي ادب جي دائره کان ٻاهر آهن.

اديب بابت هن طرح لکيو ويو آهي:

(١) اديب تصور جي گهوڙي تي چڙهي جيڪو دنيا جـو سير ڪن ٿا، تـن جـو هـو پـڻ بيان ادبي ڪتابن ۾ ڪن ٿا.

(٢) اديب، صداقت ۽ سچائيءَ سان ٻڌل آهي، پر اها صداقت تاريخ نويس واري يا فوٽوگرافر واري سچائي ڪين آهي.... اديب جو اهو ڪم نہ آهي تہ ويهي چاڻائي تہ واقعو هن ريت ٿيو، بر هن جو ڪم آهي ٻڌائڻ تہ واقعو هيئن ٿي سگهي ٿو.... هن کي فقط وقت جي تقاضا ۽ امڪان جي حدن جو خيال رکڻو آهي.

(٣) اديب، حياتيءَ جـي سڀني پهلوءَ ۽ راز تـي روشني وجهي سگهي ٿو.

(٤) هڪ ممتاز ۽ اعليٰ قسم جـي اديب ۾ ڪئين خاصيتون هئڻ گهرجن، هن جي تيز فهمي، نازڪ مزاجي، وسيع معلومات، باريڪ بيني، تخيل جي بلندي ۽ حسنِ ادائگي فقط مکيہ وصفون آهن.

(٥) لکڻ جو جذبو ۽ دلڪش نمونو، اديب جي بزرگي ۽ عـزت جـو سبب بڻيو آهي.... هـن جـي چونڊ الفاظ جـي نزاڪت، هن جي اصطلاحن ۽ محاورن جي عمدگي، هن جي جملن جـي بيهڪ ۽ ميناج پڙهندڙن جي دل ۾ هن جي طرز جو عجيب نقشو آڪوريو ڇڏي.

(٦) اديب کي فصاحت، بلاغت ۽ سلاست جي وصفن سان موصوف ٿيڻ گهرجي؛ جيئن سندس مطمحِ نظر ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن ڪتاب ۾ ادب جي موضوعن کي پنجن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي، جن جو تفصيل هي آهي:

(١) ڪنهن شخص جا ذاتي يا شخصي تجربات جي هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻاهرين دنيا ۽ دل جي اندروني دنيا ۾ ڪيا هجن.

(٢) اهي تجربا جي ڪنهن شخص انسان جي حيثيت ۾ ڪيا هجن.... يعني اهي عام ۽ اهم مسئلا جن جو تعلق فقط اديب جي ذات تائين محدود نه هجي، جهڙوڪ: حياتي ۽ موت، گناه ۽ ثواب، تقدير ۽ تدبير، قضا ۽ قدرت، بنده جو ڌڻي تعاليٰ سان تعلق ۽ دنيا توڙي عقبيٰ ۾ ڇوٽڪارو وغيره.

(٣) ڪنهن انسان جون، ٻين انسانن سان تعلق يا رواداريءَ بنسبت ڳالهيون.

(٤) قدرت ۽ انسان جو قدرت سان تعلق ڪهڙو آهي تنهن متعلق حقيقتون.

(٥) ڪنهن اديب جي اها ڪوشش جنهن ۾ هو تصور جي گهوڙي تي خيالي دنيا جو خاڪو ڪڍي، ماڻهن کي عجيب و غريب احساسات سان لطف اندوز ڪري.

اها ورچ ڌڻي شاهوانيءَ پاڻ ئي لکيو آهي: موضوعن جي مٿين تقسيم مطابق ادبي ڪتاب پنجن طبقن ۾ ورهائي سگهجن ٿا: هڪڙا آهي ڪتاب جن ۾ ذاتي تجربا بيان ڪيا ويا هجن.

پيا آهي ڪتاب جن ۾ انسان ذات جي عواميہ ڪارنامن ۽ دنيا جي مختلف واقعن جو ذڪر ڪيل هجي. ٻيان اهي ڪتاب جن ۾ مختلف نسبتن ۾ تعلقات جو تفصيل ڏنل هجي. چوٿان آهي ڪتاب جن ۾ ”فطرت“ جي جدا جدا پهلوئن جو نقشو چٽيو ويو هجي. پنجان اهي ڪتاب جن ۾ وهمي قصا ۽ ڪهاڻيون درج ڪيا ويا هجن.

ادب، اديب ۽ ادبي موضوعن بابت شاهوانيءَ جو بيان نهايت واضح ۽ ڪليل آهي، ان ۾ ڪنهن به قسم جو مونجهارو ڪونهي. ان سان هن جي طرز تحرير يا اسلوب جو اندازو به ٿئي ٿو. هن جي هيڏي ساري بيان کي مختصر طور تي هن ريت پڻ بيان ڪري سگهجي ٿو:

”اديب پنهنجي ذاتي تجربن ۽ وارداتن کي، پنهنجي فن جي ذريعي، مؤثر اسلوب ۾ جنهن ريت پيش ڪري ٿو، سو ئي ادب ۽ ادب جو موضوع آهي.“

شاعري، شاعر ۽ شعري ڪاوشون

آخر شاعري چنجي ڇا کي؟ تنهن بابت هيٺن لکيو ويو آهي:

(١) شاعري قوت احساس (Feelings) جو پيو نالو آهي. انسان ۾ ٻه وڏا رئيس عضوا آهن، جن تي ماڻهن جي سڀني عملن جو مدار آهي - هڪ آهي دل ۽ ٻيو دماغ. دماغ جي ڪوشش ذريعي ڪو جنائون ۽ ايجادون ڪيون وڃن ٿيون. علم پرائڻ ۽ فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ پڻ دماغي ڪم آهي، پر دل جو انهن ڪمن سان سڌو سنواٽو واسطو ڪونهي. دل ۾ جذبات اُڀرن ٿا، غم ۾ صدمو، خوشيءَ ۾ راحت ۽ حيرت انگيز

وانعا ڏسڻ تي تعجب لڳي ٿو. مطلب ته دل احساس جو مرڪز آهي. شاعري آهي الفاظ ۾ احساس. جڏهن احساس الفاظ جي لباس ۾ نڪري نروار ٿين ٿا، تڏهن ان کي شعر چئجي ٿو. پر هيءَ وصف به اڃا اڌوري آهي، ڇاڪاڻ جو سڀ ئي اديب انهيءَ راءِ جا آهن ته شعر پڙهندڙ جي دل ۾ اهي ئي جذبات اڀاري ٿو جي شاعر جي دل ۾ موجزن آهن. ڪٿي چئجي ته شعر اهو آهي جو انساني جذبن کي اڀاري ٿو.

اهو ڪجهه ٻڌائي، شاهوانيءَ ڪجهه مؤثر شاعرن، نقادن ۽ اديبن، شاعريءَ جون جيڪي وصفون بيان ڪيون آهن، تن کي هن ريت سهيڙيو ۽ سميٽيو آهي:

- شاعري، موزون ڪلام کي سڏجي ٿو. اهو هڪڙو فن آهي، جنهن جي وسيلي خوشيءَ کي سچائيءَ سان ملايو وڃي ٿو ۽ جنهن ۾ تخيل کي عقل جي مدد لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. (جانسن)

- شاعري ٻيو ڇا آهي "سواءِ انهن خيالن ۽ الفاظ جي جن ۾ جذبات سمايل آهي." (مل)

- شاعريءَ مان اسان جو مطلب آهي ته الفاظ کي اهڙي نموني ۾ استعمال ڪجي، جو دماغ جي آڏو ڪجهه بوتو بهاري سگهجي. شاعري اهو فن آهي، جنهن ۾ اکرن جي وسيلي اهو ڪي ڪجي ٿو، جيڪو نقاش رنگن جي ذريعي ڪري سگهي ٿو. (مڪالي)

- شاعري، موسيقانه خيال يا وزن ۾ اظهار ڪيل خيال آهي. (ڪارلائل)

- شاعري، ذهن ۽ تخيل جي ترجمانيءَ جو نالو آهي. (شبلي)

- شاعري، تخيل ۽ جذبات جي زبان آهي. (هٽزلٽ)

- شاعري، سائنس جو ضد آهي، جنهن جو مقصد خوشي پيدا ڪرڻ آهي ۽ نہ ظاهري يا خارجي صداقت (ڪولرج)

- شاعري، سڀني فنن جو لطيف جزو ۽ جذبن جو جوشيلو بيان آهي. (ورڊس ورٿ)

- شاعري، بيان ڪرڻ جو اهو دل وندرائيندڙ طريقو آهي، جنهن ۾ انساني الفاظ ڪمال درجي تي پهچي ڪري ئي پهچي سگهن ٿا. (مئٿيو آرنولڊ)

- جمال جي موسيقانہ پيدائش کي شاعري چئجي ٿو. (ايڊگر ايلن پو)

- شاعري آهي، ڏپيل جذبات يا زرخيز تخيل جو اظهار. (ڪيل)

- شاعري آهي، جيڪي اسان جي اردگرد حاضر آهي تنهن سان ناراضپو. (ڊوئل)

شاهوانيءَ هنن ڏنل وصفن بابت پنهنجو رايو ڏيندي چوي ٿو تہ اهي سڀئي وصفون ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ غير مڪمل ۽ ناقص آهن. جيتوڻيڪ انهن ۾ گهڻي قدر سچ سمايل آهي، تنهن هوندي بہ هنن ۾ فقط شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي زور ڏنو ويو آهي. ڏسجي ٿو تہ شاعريءَ جون وصفون ڏيندي، شاهوانيءَ، انگريزي ادب کي ترجيح ڏني، فارسيءَ، عربيءَ ۽ هنديءَ کي نظرانداز ڪيو آهي. حالانڪ اهي ٻوليون، شاعرن، شاعريءَ ۽ ان جي تنقيدي اصولن سان ڀرپور آهن.

شاعريءَ ۽ سائنس ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تنهن بابت شاهوانيءَ لکي ٿو:

”سائنس ۾ شين تي بحث ڪيو وڃي ٿو، شعر ۾ خيالات تي، سائنس ۾ ڪائنات جي سڀني شين متعلق معلومات ملي سگهي ٿي. شعر ۾ فقط ذاتي يا داخلي، سائنس لفظن کي فقط اشارن جي مثل يا ٻئي نموني ۾ استعمال ڪري ٿي. شاعري زبان جي سڀني لطافتن کان ڪم وٺي محاورا، اصطلاح، پهاڪا ۽ ٻيا سڀ ٿي صنايع ۽ بدايع ڪم ۾ آڻي ٿي. سائنس آهي معلومات مهيا ڪرڻ، شعر آهي پيدا ڪرڻ. سائنس ظاهري يا خارجي صداقت پيش ڪري ٿي، شاعري باطني يا داخلي سچائيءَ جو اظهار ڪري ٿي. سائنس جو ڪم آهي شين جي ظاهري ڪيفيتن جي ترجماني ڪرڻ. سائنس ۾ مختلف شين ۾ مشابهت ڳولي وڃي ٿي، ليڪن شعر فقط ڏيکاري ٿو ته شين جو انسان تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. سائنس جو دماغ سان ۽ شاعريءَ جو دل سان تعلق آهي.“

”سائنسدان فقط دماغ سان تعلق رکي ٿو، پر شاعر انسان جي سڀني قوتن کي پنهنجي جادوگريءَ سان فريفته ڪيو ڇڏي.“ ان ڪري-

”شاعري، سائنس جي تڪميل آهي.“

شاعر ۽ ان جي ڪاوشن کي ورڊسورٿ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

”شاعر جو بيان اسان ۾ اها خوشيءَ جي لهر ڊوڙائي ٿو، جيڪا اسان گل جي سونهن ۽ خوشبوءِ کي معلوم ڪري

محسوس ڪريون ٿا، پر انهيءَ انداز ۽ حد تائين نٿا محسوس ڪريون جنهن تائين شاعر اسان کي محسوس ڪرائي ٿو. اها خوشي لفظن ۾ ترجمو ڪري نروار ڪرائڻ شاعر جو ئي شيوو آهي. شاعر عام رواجي واقعن کي اهڙي ته نرالي نموني ۾ پيش ڪري ٿو ۽ انهن جو انسان ذات سان اهڙو ته گهرو ۽ دلچسپ تعلق پيدا ڪري ٿو، جو اسان اهل رواجي شيءِ نئين روشنائيءَ ۾ ۽ نئين پهلوءَ کان ڏسي خوش ٿيون ٿا. شاعر ۾ اسان کي انهيءَ نئين اک ۽ نئين نور سان رواجي شيون ڏسڻ لاءِ صداقت ڏيڻ جي قوت آهي."

"شاعر کي دنيا جي انهن وهمي ۽ خيالي شين کان بڻ ڪم وٺڻو آهي، جي حقيقي دنيا ۾ موجود ڪين آهن."

"ڪيترا شاعر تخيل جو بيجا استعمال ڪندا آهن ۽ اهڙيون واهيات ۽ مبالغه آميز ڳالهيون ڪندا آهن، جو سٺي اثر پيدا ڪرڻ عوض، پڙهندڙن جي دل ۾ ڌڪار ۽ نفرت پيدا ٿيندي آهي. اهڙين فضول ڳالهين ۽ تشبيهن ڪري ڪيترن شاعرن جو پورهيو اجايو ويندو آهي. شاعر کي گهرجي ته محال ۽ مشڪل ڳالهيون رواجي ۽ علم فهم ڳالهين سان ملائي جو ماڻهن کي سمجهڻ سولو ٿي وڃي. هن کي عام رواجي ڳالهه کي مشڪل ۽ منجهائيندڙ شين سان مشابهت ڏئي سمجهائڻ نه گهرجي. ڪيترا شاعر، تخيل جي سڄي عمارت جو بنياد صرف لفظي خصوصيتن تي رکندا آهن، پر اهو طريقو غلط آهي. جيڪڏهن تشبيهون ۽ استعارا اهڙا هوندا جي منجهائيندڙ هوندا، ته پوءِ تخيل جي بي اعتدالي ۽ غلط استعمال جو سبب بڻبا.

اصل ۾ شاعريءَ ۽ شاعر بابت هي بيان اڻپورو آهي، جيڪو شاعر جي اصل حيثيت کي نروار نٿو ڪري. آءٌ صرف ايترو چوندس ته شاعر تلخ و شيرين، قبيح و حسين توڙي ناقص و ڪامل سڀني شين جو مناسب طور تي استعمال ڪري اصل مقصد ۽ مفهوم کي اڀاري، حسن توڙي قباحت، ڪڙي توڙي مٺي، ناقص توڙي مڪمل جو احساس ڏياري ۽ جذبو پيدا ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو جڏهن ڪنهن شئي ڏانهن راغب ڪرڻو هوندو آهي ته ان جي سونهن اهڙيءَ ريت بيان ڪئي ويندي آهي، جو اڪلو سونهن ۽ سهڻائيءَ ڏي وري ۽ ان بابت سوچي؛ پر جي ڪنهن شئي کان نفرت يا بچاءُ ڏيارڻي اٿس ته ان لاءِ اهڙيون بچاءُ ۽ نفرت پيدا ڪندڙ تشبيهون ۽ محاورا استعمال ڪيا ويندا آهن، جيئن مقصد جو موتي حاصل ٿئي. ان ڪري ڪڏهن ته هن جو بيان ڏاڍو پيارو ۽ مٺو پيو لڳندو آهي، ته ڪڏهن وري ڪڙو ۽ تلخ. انهيءَ ڪري عرفيءَ چيو آهي ته:

”نوا را تلخ تر مي زن چون ذق نغمه کم يابي،
حدي را تيز تر مي خوان چون محمل را گران بيني.“

البت اهڙا ڳالهه سچي آهي ته گرانبار، مهمل ۽ دور ازڪار تشبيهون ۽ تلميحون ڪتب نه آڻجن ته بهتر. صرف انهيءَ ڳالهه جو خيال رکجي ته خطاب ڪنهن کي ٿو ڪجي - امير کي يا غريب کي، ڪاموري کي يا پورهيت کي، پڙهيل کي يا اڻ پڙهيل کي، اديب کي يا غير اديب کي، اهڙن موقعن تي پولي، محاورا، پهاڪا، تشبيهون توڙي تلميحون

اهڙيون ڪتب آئجن، جيڪي مخاطب کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچن.

شاهوانيءَ جيڪي اصول چونڊي بيان ڪيا آهن، تن موجب ڪلام يا شعر موزون، فصيح، بليغ ۽ سليس هئڻ گهرجن. ان جي بندش ۾ عمدي هئڻ گهرجي. ان ۾ جهول نه هجي. منجهس تشبيهه ۽ استعاره، تخيل ۽ محاڪات توڙي تلميحات ڪان مناسب طور تي ڪم ورتل گهرجي. انهن ئي شين تي ڪلام جي زور ۽ اثر جو مدار آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ انهن شعري اصطلاحن کي کولي سمجهايو آهي.

تشبيهه ۽ استعاره

شاهوانيءَ انهن شعري اصطلاحن جي سمجهاڻي هن ريت ڏني آهي:

"جيڪڏهن اسان کي چوڻو هجي ته فلاڻو شجاع آهي، ته انهيءَ خيال کي هيٺين ٽن نمونن ۾ اظهار ڪري سگهجي ٿو.

۱- هو تمام بهادر آهي.
۲- هو شينهن جهڙو مڙس آهي.
۳- هو شينهن مڙس آهي.

"پهريون نمونو بيان ڪرڻ جو معمولي طريقو آهي. ٻئي طرز ادا ۾ وڌيڪ زور آهي ۽ انهيءَ نموني کي تشبيهه چئبو آهي، ڇاڪاڻ جو انسان جي شينهن سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ٽيون نمونو بلڪل زوردار ۽ اثرائتو آهي. انهيءَ طرز ادا کي استعاره چئبو آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس خفيف ۽ لڪل مشابهت آهي، پر ڀيٽ اهڙي نمايان ۽ کليل نه آهي، جهڙي

تشبيهه ۾، جيڪڏهن چنجي ته هو گجندو اچي" ته انهيءَ کي استعاره چئبو. ڇاڪاڻ جو شينهن جو نالو به ڪونه ڪڍيل آهي، پر فقط شينهن جي هڪڙي خصوصيت انسان سان لڳائي وئي آهي؛ تنهنڪري شينهن ۽ انسان جي وچ ۾ نسبت پيدا ڪئي وئي آهي. هي نمونو ٺئين نموني ڪان به وڌيڪ لطيف ۽ نازڪ آهي."

محاڪات

"محاڪات جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ يا حالت جو اهڙي طرز سان بيان ڪرڻ، جو انهيءَ جي تصوير پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي اکين اڳيان تري اچي. محاڪات هڪ قسم جو فوٽو آهي، انهيءَ شيءِ يا دل جي ڪيفيت جو، جو شاعر بيان ڪرڻ گهري ٿو."

اها محاڪات ڪيئن پيدا يا حاصل ڪري سگهجي ٿي؟ تنهن بابت هيٺن چيو ويو آهي:

(١) موقع موافق وزن استعمال ڪرڻ ڪري محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٢) اصلي شيءِ جي مطابق تصوير ڪڍڻ ۽ ان جي هر هڪ اهم ۽ ضروري جزي کي بيان ڪرڻ سان محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٣) لفظن جي صحيح نموني ۾ ۽ موزون موقع تي استعمال ڪرڻ سان ئوڙي باريڪ نقطن کي چڱي طرح چٽڻ سان محاڪات حاصل ٿي سگهي ٿي.

(٤) تشبيهن ۽ تمثيلن ذريعي ٿوري مبهم اشارو ڏيڻ سان محاڪات پيدا ڪري سگهجي ٿي.

شاهوانيءَ انهن سڀني نقطن کي مختلف شاعرن جي ڪلام مان مثال ڏئي کولي به سمجهايو آهي.

تخيل

تخيل ڇا کي ٿو چئجي؟ تنهن بابت شاهواني، هينري لوئيس جو خيال بيان ڪندي چوي ٿو:

– تخيل اها قوت آهي جا اهي شيون اسان کي ڏيکاري ٿي، جيڪي زنده آهن يا جيڪي اسان جي حواسن جي ضعيفائيءَ سبب اسان کي نظر نٿيون اچن. اها وصف هن کي اڻپوري لڳي، تنهنڪري وڌيڪ چوي ٿو ته:

– در حقيقت، تخيل، ايجاد جي قوت جو نالو آهي.

– تخيل شعر جو روح آهي. ان جي ذريعي شاعر ڇانئل ۽ مجمل حقيقتن تي پيهر تنقيدي نظر سان، انهن تي وڌيڪ ۽ عجيب روشني وجهي، جذبات برانگيز ڪري انهن ۾ جنبش پيدا ڪري ٿو.

– شاعر، ڪائنات جي فاني ۽ غيرفاني، موجود ۽ غيرموجود ذرن کي، هستيءَ جو لباس ڍڪائي، تخيل جي ذريعي دلفريب نموني ۾ ترتيب ڏئي، دلڪش رنگ ۽ روپ ڏئي ٿو.

محاڪات ۽ تخيل ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تنهن بابت ڄاڻايو ويو آهي:

تخيل شعر جو روح ۽ محاڪات ان جو بوتو آهي، جنهن ۾ روح پوڻ بعد دلفريبي ۽ ڪشش پيدا ٿئي ٿي؛ نه ته محاڪات فقط هڪ نقالي آهي، پر اهي ٻئي هڪٻئي جي جاءِ پري ڪونه سگهندا آهن. جتي محاڪات جي ضرورت هجي، اتي تخيل جو

استعمال ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن فطرت جو بيان ڪرڻو هجي، ته محاڪات کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ نه تخيل کان. ان کان سواءِ تخيل جو بيجا استعمال نه ڪرڻ گهرجي ۽ واهيات ۽ بيهوده، مبالغه آميز ڳالهيون به نه ڪرڻ گهرجن، جن جي ڪري پڙهندڙ جي دل ۾ سٺي اثر پيدا ڪرڻ عوض ڌڪار ۽ نفرت پيدا ٿئي. تخيل جي سڄي عمارت جو بنياد صرف لفظي خصوصيتن تي به نه رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اهو غلط طريقو آهي، جنهن جي ڪري اعتدالي پيدا ٿئي ٿي.

هن شاعراڻي بيان کان پوءِ شاهواڻي، نثر ڏي رجوع ٿيو آهي. هن جي خيال ۾ نثر جا ٽي قسم — بياني، تشريحي ۽ جوشي آهن. بيانيءَ ۾ ڪو ٿيل فعل يا واقعو يا تصور ۾ ڏٺل شئي جو سادي سودي نموني ۾ بيان ڪجي ٿو. تشريحيءَ ۾ انهيءَ فعل، واقعي يا ڏٺل شئي بابت سمجهاڻي، سبب ۽ نتيجا به ڏنا ويندا آهن ۽ جوشيءَ ۾ ماڻهن جي جذبن کي اڀاريو ويندو آهي. اهڙي قسم جي نثر کي جذباتي يا شورشي نثر پڻ ڪوٺجي ٿو. نثر جا اهي ٽيئي قسم الڳ الڳ به استعمال ۾ اچن ٿا ۽ هڪڙي ئي هنڌ گڏو گڏ به ڪتب آندا ويندا آهن.

هن جي چوڻ مطابق نثر لکڻ به هڪڙو لطيف فن آهي، تنهنڪري سڀ ڪنهن نثري مضمون ۾ هي خوبيون هئڻ گهرجن:

(۱) الفاظ، موضوع مطابق هئڻ گهرجن، جيڪي پڙهندڙ جي دل موهي ڇڏين.

(۲) لفظن ۾ جدت هئڻ گهرجي. ٻوليءَ جي تازگيءَ خاطر نوان نوان لفظ، اصطلاح، استعاره، محاورا ۽ خاص طرح

صفتون ڪتب آئي، نثر ۾ ندرت ۽ تازگي پيدا ڪجي. رکو
جهونن اکرن دهرائڻ سان دماغي ڏيوالي جو ثبوت نه ڏجي.

(٣) نثر جي طرز ۾ اها صفائي ۽ وضاحت هئڻ گهرجي،
جو اڪابي جي دل ۾ گهر ڪري وڃي. ان ڪري پنهنجي
دور جي ماڻهن جي مذاق ۽ پنهنجي طبيعت مطابق لکڻ گهرجي
۽ سولي ٻوليءَ سان گڏ طرز ادا اهڙي هجي، جو نثر ۾ رفتار
تيز معلوم ڪجي ۽ ساڳئي وقت اضطراب ۽ تاخير (Suspanse)
محسوس ڪجي.

(٤) لفظن جي چونڊ ۽ مٺن گفتن ۽ شيرين اکرن جو
انتخاب، جملن جي حصن جي بيهڪ، موقع پٽاندڙ لهجي جي
لهڻ ۽ چڙهڻ جو خيال رکڻ گهرجي. نثر کي رنگين بنائڻ
لاءِ وزن ۽ قافيه استعمال ڪرڻ کان روڪ ڪانهي.

(٥) لفظ فصيح ۽ بليغ هئڻ گهرجي.

(٦) مضمون ننڍين ننڍين فقرن ۾ ورهائي، هرهڪ جزي
۾ هڪڙو نئين خيال ظاهر ڪجي. فقره يا بند جو پهريون جملو
اهڙو هئڻ گهرجي، جنهن جي پڙهڻ سان ساري فقره جو مفهوم
۽ مقصد سمجهي وڃجي.

(٧) مضمون ۾ خوش طبعيءَ (Humour) جي چٽني به
وقت ۽ گهرج آهر هئڻ گهرجي.

(٨) نثر کي زوردار بنائڻ جي لاءِ لفظن دهرائڻ (Repitition)
جي ضرورت پوي، ته پڻ دهرائجن. لطيفه گوئي، تمثيل، تفسير،
تشريح ۽ توضيح جهڙا ادبي اوزار استعمال ڪرڻ کان هٻڪڻ
نه گهرجي.

(٩) مختلف قسمن جا جملا- مفرد، مرڪب توڙي مخلوط (Complex) ڪم آڻي، مضمون کي گونا گون ۽ رنگا رنگ بڻائي گهرجي. ان ريت نثر اڪين لاءِ سهڻي تصوير ۽ ڪنن لاءِ عمده نظم مثل ٿي پوندو. ان بعد شاهواڻي لکي ٿو ته نثري ادب جون شاخون يا قسم هي آهن:

- مضمون نويسي (Essay Writing)
- انشا پردازي (Letter Writing)
- ناٽڪ نويسي (Drama)
- حڪايت نويسي (Short Story)
- تنقيد نگاري (Literary Criticism)

جن مان ڪن تي هن ڪتاب ۾ لکيو ويو آهي.

تنقيد، تنقيد نگاري ۽ نقاد

تنقيد، صحيح تنقيد بلڪ اعليٰ تنقيد جي کوٽ سنڌي ادب ۾ اڄ به محسوس ڪئي وڃي ٿي ڇو جائيڪ پاڪستان جي شروعات واري دؤر ۾، ته کوٽ جي ٻي ڳالهه آهي، باقي بچ کوٽ ڪڏهن ڪانه رهي آهي، ڇاڪاڻ جو انسان ادب جي سرجڻ واري دؤر کان وٺي ڪري ۽ ڪوڙي جي تميز پئي رکي آهي ۽ اهائي تميز، تنقيد جو بنيادي پٿر آهي.

شاهواڻي به پنهنجي دؤر ۾ اهڙي کوٽ محسوس ڪندي لکي ٿو، "افسوس آهي، جو سنڌي ساهتيه ۾ تنقيدي ادب جي گهڻي قلت آهي." تنقيد ڇا کي چئجي؟ تنهن بابت هن لکيو

آهي ته ”جيڪي اديب لکن، تنهن کي طبعي ادب چئجي ٿو ۽ جيڪي اديبن جي دماغ جي پيدائش کي ڪنهن ڪسوٽيءَ تي لڳائي، ان جون خوبيون ۽ خرابيون، خصوصيتون ۽ خاميون، اوڻايون ۽ عيب پرکڻ جي خيال سان لکن، تنهن کي تنقيدي ادب چئجي ٿو.“ ان جو مطلب ٿيو ته، طبعي ادب کي ڪنهن ڪسوٽيءَ تي لڳائي، ان جون خوبيون، خاميون ۽ خصوصيتون ظاهر ڪرڻ کي تنقيد چئجي ٿو. ان ريت ڏسبو ته ادبي ڪتاب جو اڀياس ڪري ان جي عيبن ثوابن کي تڪي توري، فتوا ڏيڻ کي ادبي تنقيد چئجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ادب کي حياتيءَ جو تفسير چيو ويو آهي. تنهنڪري تنقيد، تفسير جو تفسير يا شرح آهي، سو تنقيد، ادب ۾ اهم جاءِ والاري ۽ اهميت وارو پارٽ ادا ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو تنقيد جيتوڻيڪ ناگوار لڳي ٿي، ته به لکي وڃي ٿي ۽ ان جي لکڻ جا به ڪي اصول آهن جن جي پابنديءَ، تنقيد کي فن جو درجو عطا ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري اها به ادب وانگر تخليقي پڻ آهي.

تنقيدنگاريءَ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ تنهن بابت شاهوانيءَ ڄاڻايو آهي ته:

— تنقيدنگاري انسان جي معلومات ۾ اضافو ڪري ٿي ۽ ساڳئي وقت انسان جي ذهن کي انهيءَ ڏس ڏانهن زياده توجهه ڏيڻ لاءِ آماده ڪري ٿي، اها انسان جي ادراڪ کي تيز ۽ ذهن کي برانگيز ڪري، انسان جي فهم جي قوت کي ترغيب ۽ تربيت ڏئي ٿي. اهڙيءَ طرح انسان جي ذهن کي مشق پڻ ملي ٿي.

— تنقيدنگاريءَ جي ذريعي ڪنهن اعليٰ تصنيف جي ناقابل فهم ۽ منجهائيندڙ حصن کي صاف ڪري سمجهايو وڃي ٿو.

ان ڪري ادب جي مبهم حصن کي سمجهڻ ۾ سولائي پيدا ٿئي ٿي.

- تنقيدنگاري تصنيف ۾ لڪل نقطا نروار ۽ نمايان ڪري ٿي. اهڙن نقطن جو مصنف کي به شايد لکڻ وقت خيال نه هجي.

- تنقيدنگاريءَ جي ذريعي اها پرک پيدا ٿئي ٿي ته ادب ۾ ڪهڙي شيءِ چڱي ۽ ڪهڙي بڇڙي آهي. جنهنڪري اسان جو گهڻو وقت بچي ٿو ۽ اسان کي دماغي محنت ڪري اهو پاڻ خود ڳولڻو نٿو پوي.

- تنقيدنگاريءَ جي ذريعي مصنف کي پڻ اها مدد پوي ٿي، ته عام جي اڳيان ڪيئن ۽ ڪهڙي حيثيت ۾ اچڻ گهرجي. ان ريت ادبي مذاق کي تربيت پڻ ملي ٿي.

- تنقيدنگاريءَ جي ذريعي تعصب کان بچاءُ ۽ غلط فهميون دور ٿين ٿيون. ان ڪري چئبو ته اها نه رڳو صحيح دڳ سان لائي ٿي، پر ادبي فضا کي خراب ٿيڻ کان پڻ بچائي ٿي.

انهيءَ مان اسان کي اها مدد پوي ٿي ته تنقيد مان نقصان نه بلڪ فائدو ئي آهي. ان مان نقاد جي اهميت جو پڻ اندازو ٿئي ٿو.

شاهواڻي اسان کي اهو به ٻڌائي ٿو ته سچو پچو نقاد اهو آهي، جو پنهنجي وسيع معلومات ۽ آزمودي ڪري اسان کي هڪ نئون نقطہ نگاهه ڏيکاري ٿو. هو پنهنجي ذهن و ذڪا جي ذريعي اسان کي ڪتاب جي تهه تائين پهچائي ٿو.

نقاد انسان کي اهي نقطا صاف ڪري ڏيکاريندو آهي، جيڪي جيڪر انسان پنهنجي سر ڪتاب پڙهڻ ڪري صاف طور تي سمجهي ڪين سگهون.

نقاد کي ادب جي اونهي سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻي، اهي لاجواب موتي ڪڍڻا آهن، جيڪي عام نظرن کان مخفي هوندا آهن. هن کي اهو به ڏسڻو آهي ته جيڪي خيال، ادب جي خوبصورت پيرايه، طرزِ ادا ۽ الفاظ ۾ ملبوس آهن، سي نوعِ انسان جي احساسن سان ٺهڪي اچن ٿا يا نه ۽ پڙهندڙ کي خوشي پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ جهڙا آهن يا نه.

— ڪيترائي ادبي ڪتاب، نقاد جي تنقيدي ڪاوش جي ڪري گمناميءَ جي ڪن ۾ گم ٿيڻ کان بچي ويا آهن.

نقاد اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته ڪتاب جو اصلي مقصد ڇا آهي ۽ ان ۾ فن جي لحاظ کان ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون سمايل آهن. ان ريت هو ادبي تصنيف جي سونهن کي جلوه گر ڪري ٿو.

نقاد، مصنف کي ناجائز فائدو وٺڻ کان روڪڻ سان گڏ، جيڪي مصنف گمراه ٿي سڌي راهه ڇڏي ڏيندا آهن، تن کي صحيح رستي تي آڻي ٿو ۽ جوهرِ قابل کي همٿائي ٿو. بعضي نا اهل مصنف ڪتاب شايع ڪرائي قوم جو مذاق خراب ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي موقعي تي تنقيد نگار جي سخت ضرورت پوندي آهي. هو اچي دمِ عيسيٰ ڦوڪي، بدمذاق وصفن جون ٻگڙيون ڪندو آهي.

بعضي اهڙا به مصنف ٿيندا آهن، جي اصل خيالات اهڙي پيرايي ۾ بيان ڪندا آهن، جو اهي سڀ هنن جا اوگڻ پيا

معلوم ٿيندا آهن، بعضي ٻن مصنفن ۾ ذاتي ضديت ۽ عناد سبب خصومت ٿي پوندي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ نقاد اهي غلط ڦهميون دور ڪرائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ بيان جي روشنيءَ ۾ نقاد جي عظمت ۽ اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ناول، ناول نگاري ۽ ناول نگار

شاهوانيءَ ناول ۽ ناٽڪ جي بيان کي گڏي وڌو آهي. هن جي لکڻ موجب ناول توڙي ناٽڪ جا ڇهه اهم جزا آهن: (١) قصو (٢) ڪردار (٣) گفتگو (٤) جاءِ ۽ وقت (٥) لکڻ جي طرز ۽ (٦) مصنف جو نقطهء نگاه- البت ٻنهي ۾ هڪڙو خاص فرق آهي، جو ناٽڪ جو گهرو تعلق پنڊال، سين سينرين ۽ ڪپڙن وغيره سان آهي، پر ناول انهن ڳالهين کان ڇڙيل آهي. وڌيڪ هيءَ ته هن جي نظر ۾ ناول، حقيقت ۾ ننڍو ناٽڪ آهي، جنهن کي هرڪو ڪيسي ۾ کڻي هلي سگهي ٿو. هن ناول جي وصف صاف ڪانه ڏني آهي، البت لکيو آهي ته:

- ناول انهن ڪمن جو بيان آهي، جيڪي انسان ذات ڪيا آهن يا ڪري سگهن ٿا. ناول ۾ اهي واقعات ڄاڻايل هوندا آهن، جن سان ٻني نوعِ انسان جي دلچسپي آهي ۽ جن کي عام طرح سان پلاٽ (آکاڻي) چيو وڃي ٿو.

- ناول واندڪائيءَ جي وندر آهي ۽ ناول پڙهڻ سان روزاني ڪاروبار جي پريشاني ۽ دنيوي ڏنڌن جي ڳالهين جو ڪجهه بوجو هلڪو ٿئي ٿو.

- ناول لاءِ آکاڻيءَ جي عمدگي ضروري آهي.

— رڳو عمدي آکاڻي ناول لاءِ ڪافي نہ آهي. آکاڻي ٻڌائڻ جي طرز اهڙي ڪمال درجي جي دلڪش هئڻ گهرجي، جو موضوع جي هر پهلوءَ تي ڪافي روشني وجهي سگهي.

— ناول ۾ گفتگوءَ جي ذريعي، شخصيتن (ڪردارن) جي اندروني حالتن جو خاڪو ڪڍيو وڃي ٿو.

— ناول ٽن قسمن جا ٿي سگهن ٿا: هڪڙن ۾ حياتيءَ جي سڀني پهلوئن تي تبصره درج هوندو آهي ۽ ٻين ۾ ڪي خاص پهلو نمايان طور مندرج هوندا آهن ۽ ٽين ۾ تاريخي احوال ڏنل هوندا آهن.

— سڀ کان سٺو ناول اهو ليکيو ويندو آهي، جنهن ۾ اهي ڳالهيون اچن، جيڪي انسان لاءِ عام طرح سان مفيد ۽ دلچسپ هجن ۽ جيڪي هر شخص لاءِ حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڪامياب ٿي وڃڻ لاءِ يڪسان رهبري ڪن.

ڪو زمانو هو جو ماڻهن کي وقت وڌيڪ هو تہ داستان لکندا، پڙهندا ۽ ٻڌندا هئا، پر جيئن جيئن مصروفيت وڌندي ويئي تہ داستان جي جاءِ ننڍن داستانن ورتي، جن ۾ خاص ڪري يورپ ۾ فني موشگافيون پيدا ڪري، هڪ نئين صورت پيدا ڪئي وئي، جنهن کي ناول نالو ڏنو ويو. هندوستان ۾ انگريزي راڄ سان گڏ ناول بہ پير پاتو. اوائل ۾ انگريزي ناولن جا ترجما ڪيا ويا پوءِ، بنگالي ادب مان، بنگالي ناول بہ ترجمي جي صورت ۾ سنڌي ادب جي پڙ ۾ پير پاتو. اڳتي هلي اردو، فرينچ، امريڪي، روسي وغيره ادب مان ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيڻ لڳا. جيتوڻيڪ شاهوائي بنگاليءَ ۽ انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل ناولن جو ذڪر تہ ڪيو آهي، پر ٻين جو نہ.

ائين ٿي سگهي ٿو، ته شاهوانيءَ واري دؤر ۾ اها ڳالهه ايتري شدت سان محسوس نه ٿي هجي. بهرحال پهريائين ناول ترجمو ڪيا ويا ۽ اڳتي هلي طبع زاد ناول به لکيا ويا، پر لکڻ جا اصول اهي ئي اختيار ڪيا ويا، جيڪي انگريزي ادب ۾ رائج هئا، ڇاڪاڻ جو فرنگي راڄ ۾ اسان جو پڙهيل ڪڙهيل طبقو انگريزي ادب سان چڱو خاصو روشناس ٿي چڪو هو.

شاهوانيءَ ناول جي جن ڇهن اهم جزن جو ذڪر ڪيو آهي، تن تي هن ريت روشني وڌي ويئي آهي:

ناول ۾ ڪن شخصن (ڪردارن) جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن جو بيان ڏنو وڃي ٿو. اهي ڪردار پاڻ ۾ جيڪي ڳالهائين ٿا، تنهن کي ناول جي گفتگو وارو جزو ڪوٺيو وڃي ٿو. جيڪي ڪم اهي ڪردار ڪن ٿا، سي ضرور ڪنهن هنڌ تي ۽ ڪنهن وقت تي ٿيا هوندا، تنهنڪري ناول جو چوٿون جزو آهي، وقت ۽ جاءِ جو. ناول جو پنجون جزو آهي لکڻ جي طرز. مصنف حياتيءَ کي ڪهڙي نقطه نگاه کان ڏسي ٿو ۽ ناول لکڻ ۾ هو حياتيءَ جي ڪهڙي پهلوءَ تي زور ڏئي ٿو، سو آهي ناول جو ڇهون جزو.

شاهوانيءَ جي لکڻ موجب ناول جو پلاٽ (آڪاني) نئون، سنو، دلڪش ۽ مڪمل هئڻ گهرجي. اهو ڪن مختلف ننڍن قصن ۽ ڪهاڻين جو مجموعو نه هئڻ گهرجي، جنهن ۾ کي خال ۽ خاميون رهجي ويون هجن. پلاٽ جا جدا جدا حصا اهڙي ته سٺي نموني ۾ ڳنڍيل هئڻ گهرجن، جو سيڪو پڙهندڙ انهن جا لاڳاپا ۽ تعلقات سمجهي سگهي، ۽ اهي حصا هڪٻئي سان نڪرڻ گهرجن. آڪاني اهڙي نموني ۾ ٻڌايل

هجي جو محسوس ڪجي، ته آکاڻيءَ جا مختلف پاسا هڪٻئي جا نتيجا آهن ۽ جنهن مقصد واسطي ڪرڻ لاءِ آکاڻي بڻائي وئي آهي، تنهن سان تعلق رکن ٿا. رواجي ڳالهيون اهڙي پيرائي ۾ ادا ڪيل هجن، جو معنيٰ خيز ڏسڻ ۾ اچن. حقيقتون هڪٻئي پٺيان باقاعده ۽ فطري نموني ۾ نمايان ڪرڻ گهرجن، جيئن پڙهندڙ محسوس ڪري ته آفت ڪا ازغيبي ڪانهي، پر اها بلا واقعي جيڪي اڳي ٿيل آهي، انهيءَ جو لازمي انجام ۽ اٽل اثر آهي.

پلاٽ جي لحاظ کان ناول ٻن نمونن جا ٿين ٿا: هڪڙا ڍلي پلاٽ وارا ۽ ٻيا ٻڪي ٻختي پلاٽ وارا. ڍلي پلاٽ وارن ناولن ۾ آکاڻي اهڙن مختلف واقعن جو مجموعو هوندي آهي، جن جو پاڻ ۾ گهاٽو ۽ گهرو تعلق نه هوندو آهي. اهي واقعا پنهنجي جاءِ تي مڪمل آکاڻي يا ننڍو قصو سمجهي سگهباءِ اهڙن واقعن جو لاڳاپو ڪنهن خاص سورمي (Hero) سان هوندو آهي ۽ اهي ڪنڊريل جزا انهيءَ سورمي جي ارد گرد ائين ڦرن ٿا، جيئن سج جي چوڌاري زمين. حقيقت ۾ اهڙي ناول جو پلاٽ هڪ سورمي جي حياتيءَ جي متفرقه واقعن جي تاريخ هوندي آهي.

سنڌيءَ ۾ سڌا، سون ورنيون دليون، لڳن، روزان روز، دلير دل نينگر، ڪانتا، ٻڏندڙ سج، پريا، انصاف، اتحاد، گليور جو سير، شرلاڪ هومس، رابنسن ڪروسو وغيره ڍلي پلاٽ وارا ناول آهن.

ٻڪي ٻختي پلاٽ واري ناول جو هرهڪ جزو آخري مقصد ڏانهن وڌڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ان ۾ جدا جدا قسمن جي

واقعن ۾ جزن کي سرسري طرح بيان ڪرڻو ڪونہ هوندو آهي، ٻر اهي واقعا اهڙي عمدي نموني ۾ ملائڻا هوندا آهن، جو آڪاڻي هڪ دلڪش نقش (Mosaic) بڻجي پوي ۽ اهي جزا الڳ الڳ ذسڻ جي عوض گڏجي، خوشنما گلدستو بڻجي پون. اهڙن ناولن لکڻ وقت ناول نگار کي غور و فڪر ڪري، هرهڪ جزي بابت اڳواٽ سوچي پوءِ لکڻو پوي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ايسٽلن، سچي محبت، پاپ ۽ پاڪيزگي، سالهن، سندري، حورِ دمشق، گولن جا گوندر، عروسِ ڪربلا، وڏوا وغيره پڪي پختي پلاٽ وارا ناول آهن.

اهڙا بہ ناول هوندا آهن، جي هوندا تہ پڪي پختي پلاٽ وارا آهن، پر انهن جا ڪي ڪي جزا ڍلي پلاٽ وارا هوندا آهن. اهڙن ناولن ۾ سلڪ سرفراز، تارن جو اپياس وغيره اچي وڃن ٿا.

ناول ۾ آيل شخصيتن جو خاڪو (Characterization) يا ڪردارنگاري ڪرڻ بابت چيو ويو آهي تہ:

– جن ماڻهن جو ناول ۾ ذڪر ڪيل هجي، تن جون اهي خصوصيتون بيان ڪري يا نمايان ڪري ڏيکارجن، جيڪي عام ماڻهن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، تاڪ ناول پڙهڻ سان ائين سمجهيو وڃي، تہ جن جي آڪاڻي پڙهجي پئي، سي اسان جهڙا انسان آهن نہ بت يا ازغيبي دنيا جا رهاڪو.

– اهو بہ ضروري ڪونهي تہ ڪردارن کي هرويرو پاڪدامنيءَ، پرهيزگاريءَ ۽ بلند اخلاقيءَ جو پتلو ڪري پيش ڪرڻ گهرجي. انهن ۾ اهي اوڻايون ڀلي هجن، جيڪي عام انسانن يا ڪن خاص آدمين ۾ لڀن ٿيون. ڪردارن کي

اهڙي انڪل سان پيش ڪجي، جو پڙهندڙ ائين وسهن تہ حياتيءَ جي ڪشمڪش جو حقيقي فوٽو پيا ڏسن.

– ڪردارن جي اخلاق، هلت چلت ۽ رسمن رواجن، گفتگو ۽ نشست برخواست جي طريقن بابت خاص خيال رکڻ گهرجي. اهي تمام حقيقتون ڏٺل وائٺل يا ٻڌل پڙهل هجن، يا تہ انهن بابت ڪتابن جي ذريعي معلومات حاصل ڪيل هجي ۽ ان کي ڪردارنگاري ڪرڻ وقت نهايت چابڪدستيءَ سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

هڪ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي، تہ پلاٽ ۽ ڪردارنگاري ٻنهي جو هڪٻئي سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق آهي، اهي ٻئي گڏجي ناول جو روح پيدا ڪن ٿيون يعني اهي ناول ۾ روح ڦوڪي ٿيون ڇڏين.

گفتگوءَ بابت ڄاڻايو ويو آهي تہ:

– سٺي پيرائي ۾ درج ٿيل گفتگو ناول جو سينگار آهي. ان جي ذريعي ڪردارن سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق پيدا ڪري سگهجي ٿو. ائين ڪرڻ سان ناول دلڪش ۽ حقيقت نما بڻجيو پوي.

– پوري وقت ۽ موقع آهر سٺي ۽ سلوڻي گفتگو، ناول کي ٻهڪايو وجهي.

– گفتگو اهڙي نہ هئڻ گهرجي، جا پلاٽ (آکاڻي) کي روڪي وجهي او جهڙ ۾ وجهي، بلڪ اها اهڙي هئڻ گهرجي، جو ڪردار جي اندروني ڪيفيتن، جذبن، امنگن، جبلتن، احساسن، جو چٽو نقشو آڻي، پڙهندڙ جي اکيان پيهاري.

– گفتگو اجائي لنبي چوڙي نه هئڻ گهرجي. ان ڏس ۾ اعتدال کان ڪم وٺڻ گهرجي.

– گفتگو فطري، موزون ۽ دلپذير هئڻ گهرجي. اها ڪردار جي طبيعت ۽ وقت جي نزاڪت آهر هئڻ گهرجي، جا هن جي منهن تي ٺهڻ گهرجي.

جاءِ ۽ وقت بابت ڪو خاص بيان ڏنل ڪونهي. صرف ايترو چيل آهي ته ڪردار جيڪي ڪم ڪن ٿا، سي ڪنهن هنڌ تي ۽ ڪنهن وقت تي ٿيا هوندا. ان مان اهو اشارو ملي ٿو ته پلاٽ ۾ جيڪي جايون ۽ مڪان آئجن، تن جي چٽسائيءَ جو خاص خيال رکجي. ائين نه ٿئي جو ڏيکارجي محل ۽ نقشو پيش ڪجي جهوپڙيءَ جو. ساڳيءَ طرح وقت جو خيال رکڻ گهرجي. مطلب ته جنهن دؤر جون ڳالهيون ڪجن، آڪاڻيءَ ۾ ساز و سامان، جاين جڳهين ۽ لباس جي نموني وغيره جو ان آهر لحاظ رکڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو بيان هجي ميان مجنونءَ جو، پر ان کي اڄ جو فيشن ايبل نينگر بڻائي پيش ڪجي.

لکڻ جي طرز بابت چيو ويو آهي ته:

– ناول نويس لاءِ آڪاڻي لکڻ ۽ پڌائڻ جا چار طريقا آهن: هڪڙو سڌو سنئون نمونو، ٻيو (autobiographical) تزڪ نويسيءَ وارو، ٽيون تحريري، چوٿون مخلوط. مطلب ته ناول چئن طرزن يا طريقن سان لکي سگهجي ٿو. انهن مان:

پهريون عام رواجي طريقو آهي، جنهن جي ذريعي حالات جو غيرجانبدار نموني ۾ بيان ڪيو آهي. ٻئي ۾ لکڻ وارو پاڻ کي ناول جو سورمو ڪري پيش ڪندو آهي. ٽئين نموني

۾ خطن ۽ ٻين متفرقہ ڪاغذن جي ذريعي، پلاٽ جي رٿابندي ڪجي ٿي ۽ چوٿين ۾ ڀرين ٽنهي طـرزن کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

ناول نگار جي نقطهٔ نظر يا نقطهٔ نگاه بابت هـن ريت ٻڌايو ويو آهي:

ـ ناول نگار لاءِ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو علم هئڻ ضروري آهي.

ـ ناول نگار کي زندگيءَ جو گهڻو تجربو هئڻ گهرجي ۽ جيڪي لکي، سو پنهنجي آزمودي جي بنا تي لکي.

ـ ناول نگار لاءِ حقيقتن جي ٻوجهہ ۽ واقعن جي صحيح پروڙ ضروري آهي. جنهن پهلوءَ جو هن کهرو اڀياس نہ ڪيو هجي، تنهن جي ويجهو هن کي وڃڻ نہ جڳائي.

ـ هن کي فقط سالم دماغ ۽ صحيح تخيل هئڻ گهرجي، جن جي وسيلي هـو دقيق نقطن کي چنڊي ڇاڻي خوبصورت نموني ۾ پيش ڪري.

مطلب تہ نـاول نـگار کي زنـدگيءَ جـو وڏو تجربو، حقيقتن جي ڄاڻ، واقعن جي صحيح پروڙ، صحيح تخيل ۽ سالم دمـاغ هئڻ گهرجي، تڏهن وڃي هـو پنهنجو نقطهٔ نـگاه سهڻي نموني ۾ پيش ڪري سگهندو يعني هن کي ذات ۽ ڏانو ٻئي هئڻ گهرجن.

ناول زندگيءَ جو تفسير

هن عنوان هيٺ شاهواڻي لکي ٿو، "ناول اپنار ڪري ٿو حياتيءَ جي يعني مردن، زالن ۽ انهن جي تعلقات جي ۽

ترجماني ڪري ٿو، انهن جي خيالن ۽ خواهشن، احساسن ۽ امنگن ۽ جذبن ۽ جولانن جي ۽ بيان ڏئي ٿو انهن جي غمن ۽ خوشين، ڪوششن ۽ ڪاميابين ۽ نجهرائن ۽ ناڪامابين جو، يعني ناول نويس جو موضوع آهي زندگي يا حياتيءَ جا مختلف پهلو. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ناول نويس لاءِ اهو ناممڪن آهي جو ڪليل طرح ۽ مخفي نموني ۾ ڪجهي راهه جي، پڙهندڙن کي ڪٿڪ نه ڏئي ڇڏي. اصولن يا متن کي واضح ڪرڻ جو خيال ڪٿي نه به هجي، ته به سندس ڪي نه ڪي خيال ناول ۾ ضرور ايندا. ان ڪري ناول مان ضرور ناول نويس جي نظريي جو پتو پئجي سگهندو. رواجي ۽ ٿوڪڙو ناولن ۾ به ناول نويس جو نظريو سمايل آهي، پر ان ۾ اهو نظريو اهڙو ته عام ۽ معمولي آهي جو ان تي ڪير اک به نٿو کڻي سگهي".

"عمدي ناول ۾ پند ۽ نصيحت اهڙيءَ طرح سان ناول جي مواد ۾ محفوظ ڪيل هوندا آهن، جو پڙهندڙ پروڙي نه سگهندو آهي ته ناول نويس ڪو مون کي سبق سيکارڻ جي خيال کان هي مقالو پڙهائي رهيو آهي، پر ساڳئي وقت اهو سبق اهڙو ته جاذب ۽ مؤثر هوندو آهي جو پڙهندڙ ازخود انهيءَ سبق سکڻ ۽ پرائڻ تي آماده ٿي ويندو آهي. جيئن لوڻ اٽي ۾ ملي مزو ڏيندو آهي، تيئن نصيحت به رقيق ٿي ناول جي نس نس ۾ گوڙي دلڪش ٿي پوندو آهي. عمدو ناول نويس ڪڏهن به موعظ يا پروپئگنڊسٽ (Propagandist) نه معلوم ٿيندو آهي."

ان مان ظاهر آهي ته ناول زندگيءَ جي مختلف رخن جو بيان ڪري ٿو، ان ڪري ان کي زندگيءَ جو تفسير

سڏيو ويو آهي. موجوده دؤر ۾ ناول نه رڳو مردن ۽ زالن جي لاڳاپن جي ترجماني ڪري ٿو، پر سائنس جيڪا ترقي ڪئي آهي، تنهن جو ذڪر بہ ڪري ٿو، جنهن ڳالھ ڏانهن شاعوائيءَ جو خيال ڪونہ ويو آهي، ورنہ انهيءَ جو ذڪر ضرور ڪري ها. اڄ ناول ترقيءَ جي عروج تي آهي، ڇاڪاڻ جو زندگيءَ جو ڪوبہ اهڙو پهلو ڪونهي، جنهن جو ناول ۾ بيان نٿو آندو وڃي يا نٿو آڻي سگهجي. انسان جا انسان سان لاڳاپا، سائنس، پرم توڙي مذهب، سياست يا ان سان لاڳاپيل سماجي علمن، تصوف توڙي ويدانيت، سماجي براين ۽ چڱاين، نفسيات ۽ منطق وغيره، مطلب تہ زندگي جن بہ موضوعن تي محيط آهي، تن سڀني جو ذڪر ناول جي صورت ۾ ڪيو وڃي ٿو. ازانسواءِ ناول نگار پوءِ اهو ڪٿي ڪهڙي بہ درجي جو ڇونہ هجي، پنهنجو نظريو ناول جي ذريعي پڙهندڙ تائين پهچائي، هن کي متاثر ڪري پنهنجو هم خيال بڻائي سگهي ٿو. ائين ڪرڻ سان نہ رڳو زندگيءَ سان لاڳاپيل موضوع جي نقش نگاري ڪجي ٿي، پر ناول نگار ان بابت ڇا سوچيو ۽ سمجهيو آهي، ۽ هو ان ڏس ۾ پنهنجي پاران ڇا ٿو چوڻ گهري، سو سڀڪجهہ ناول جي ذريعي پڙهندڙن تائين پهچي ٿو. ان مان ظاهر آهي تہ ناول نہ رڳو زندگيءَ جو تفسير آهي، پر اهو زندگيءَ جي اصلاح ۽ تعمير بہ ڪري ٿو ۽ ان کي بگاڙي بہ سگهي ٿو.

ناول ڏينهون ڏينهن وڌي مقبول ٿيندو، تنهن جو سبب اهو آهي، جو ان ۾ زندگيءَ جي تمام دلچسپين جي چٽسالي ڪئي وڃي ٿي، جيڪا پنهنجي جلوه نمائيءَ جي ذريعي انسان

جي لاءِ ڪا نہ ڪا دلچسپي پيدا ڪيو وڃي. ناول ناڪام صرف اتي ٿيندو آهي، جتي ان جو مقصد بيجا پروپيگنڊا يا ڀلاءُ هوندو آهي، ۽ اهو ڀلاءُ ڪنهن ماڻهوءَ، جماعت يا حڪومت کي اُپارڻ لاءِ هوندو آهي. حالانڪ اصل حقيقت ٻي طرح هوندي آهي.

عمدي ناول جون خوبيون يا خاصيتون

عمدي يا سٺي ناول جون ڪهڙيون خصوصيتون يا خوبيون هئڻ گهرجن، ان باري ۾ شاهوائي لکي ٿو تہ:

(١) ناول جو موضوع زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلو سان لاڳاپيل ۽ پرمعنيٰ هئڻ گهرجي. اهڙو نہ هجي، جو صرف گپ شپ ڪري سمجهيو وڃي. اهو بني نوع انسان لاءِ دلچسپ هجڻ سبب عمومي (Universal) حيثيت وارو هجي. ان جو انسان جي امنگن، جذبن ۽ جبلتن سان گهرو تعلق هئڻ گهرجي.

(٢) ناول ۾ اهي سوال ۽ مسئلا هجن، جيڪي هر وقت، هر هنڌ ۽ هرهڪ انسان لاءِ ڪارائتا ۽ ضروري هجن ۽ حياتيءَ کي پرنمڪ، دلچسپ، جاذب ۽ اهم بڻائين.

(٣) ناول اهڙو هئڻ گهرجي جو ان جي پڙهڻ سان روزاني ڪاروبار جي پريشاني ۽ دنيوي ڌنڌن جي ڪٺراڻ جو ڪجهہ بوجو هلڪو ٿئي.

(٤) ناول ۾ آيل ڳالهيون عام طرح سان دلچسپ ۽ مفيد هجن ۽ حياتيءَ جي ڪشمڪش ۾ ڪامياب ٿيڻ وڃڻ لاءِ هرهڪ ماڻهوءَ جي يڪسان رهبري ڪن.

(٥) ناول جي آڪاڻي (پلاٽ) سهڻي ۽ فني نموني ۽ دلڪش طرز سان ادا ڪيل هجي، جيڪا موضوع جي هر پهلوءَ تي ڪافي روشني وجهي سگهي.

(٦) ناول کي حقيقتن تي مبني هئڻ گهرجي. ڪوڙ ٻڌوڙ کي ان ۾ ڪا اهميت نه ڏيڻ گهرجي.

(٧) دقيق نقطا چنڊي ڇاڻي خوبصورت نموني ۾ پيش ڪيل هجن.

(٨) ناول ۾ جيڪي رسمون ۽ رواج، خصلتون ۽ خاصيتون، ڄاڻ ۽ معلومات وغيره ڪردارن جي ذريعي ڏنل هجي، تنهن ۾ صداقت هئڻ گهرجي، يا جيڪي صلاحون ڏنل هجن، سي سڀ لاءِ يڪسان مفيد هئڻ گهرجن.

(٩) ناول جو جيڪو مکيه موضوع هجي سو پوريءَ طرح اپاريل ۽ سموري ناول تي ڇانيل هئڻ گهرجي.

(١٠) ناول، فني چابڪدستيءَ سان پيش ڪيل هجي.

ناٽڪ، ناٽڪي فن ۽ ناٽڪ نويسي

ناٽڪ بابت شاعراڻي ڄاڻائي ٿو ته ناول جا جيڪي ڇهه اهم جزا آهن، سي ساڳيا ناٽڪ جا به اهم جزا آهن، تنهنڪري جيڪي اصول پلاٽ (آکاڻي)، اداڪارن (ڪردارن)، گفتگو جي ڍنگ ۽ مصنف جي نقطهءِ نگاه بابت ناول جي باري ۾ ڄاڻايا ويا آهن، سي ساڳيا ناٽڪ سان به لاڳو ٿين ٿا. البت ٻنهي جي پيشڪش ۾ فرق آهي، جنهن جو ذڪر هن ريت ڪيو ويو آهي.

(١) ناول پڙهڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو، پر ناٽڪ اسٽيج تي ڪري ڏيکارڻ لاءِ.

(٢) ناول ۾ مصنف آڪاڻي بيان ڪري ٿو، پر ناٽڪ ۾ اداڪارن (ڪردارن) جي نقل و حرڪت ۽ گفتگو مان آڪاڻي بڌجي ٿي.

(٣) ناول سمجهڻ ۾ اکيون ۽ دماغ ڪم ڪن ٿا، پر ناٽڪ سمجهڻ لاءِ اکيون، ڪن ۽ دماغ يعني ان ۾ هڪڙو وڌيڪ حواس ڪم اچي ٿو، جنهنڪري هر هڪ حالت سمجهڻ ۾ ڪافي فرق پوي ٿو.

(٤) ناول کي پڙهي مڪمل طور سمجهي سگهجي ٿو. پر ناٽڪ پڙهبو ته آڪاڻيءَ جو فقط خاڪو اسان جي دماغ تائين پهچي سگهندو. مصنف جيڪو لباس آڪاڻيءَ جي نيلم پريءَ کي پهرايو هوندو يا جيڪو لطف اداڪارن جي اشارن، عملن ۽ نقل و حرڪت ۾ مضمر هوندو، تنهن مان حظ حاصل ڪري ڪونه سگهبو.

(٥) ناول اڪو ڊڪو پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو، پر ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ سمجهڻ ذهين ماڻهوءَ جو ڪم آهي.

(٦) ناول ڪيترين نشستن يا ڪيترين ئي وقت ۾ پڙهي سگهجي ٿو، پر ناٽڪ، متواتر ذهن لاءِ رٿيو وڃي ٿو.

(٧) ناول کي پڙهندڙ يا پڙهندڙ جو وڌيڪ ۽ وقفي به وقفي وقت ملي سگهي ٿو، پر ناٽڪ نويس کي ٿورو عرصو ملي ٿو. جنهن ۾ هن کي پنهنجو هنر واضح نموني ۾ ڏيکارڻو آهي.

(٨) ناول جي ڪردارن جي شخصيت ظاهر ڪرڻ يا ابارڻ لاءِ ڪنهن ڪفايت جي ضرورت ڪانهي، پر ناٽڪ جي

اداڪارن لاءِ ان ڏس ۾ وقت جي لحاظ سان ڪفايت ڪرڻي پوي ٿي.

(٩) ناول نگار پنهنجي شخصي راين ۽ ذاتي خيالن کي نصيحتن جي صورت ۾ بيان ڪري سگهي ٿو، پر ناٽڪ نويس کي راءِزني ڪرڻي ڪانهي، ان ڪري ناول نگار، ناٽڪ نويس جي ڀيٽ ۾ پنهنجي راين ۽ خيالن جو چٽي ۽ صاف طرح سان اظهار ڪري سگهي ٿو.

(١٠) ناول نگار، ناول جي ڪردارن تي نڪته چيني ڪري هنن جي جذبات ۽ خيالات کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي انهن جي عملن تي فتوىٰ ڏئي سگهي ٿو، پر ناٽڪ نويس ائين نٿو ڪري سگهي. هن کي مجبوراً پردي پٺيان بيهي پنهنجن اداڪارن جي واتان اهي خيال ظاهر ڪرڻا آهن، جيڪي جيڪر انهيءَ قسم جو ماڻهو پنهنجي حياتيءَ جي دؤر ۾ واتان ڪڍي.

(١١) ناول نگار جج وانگر پنهنجي ڪردارن جي عملن ۽ قولن تي تبصره ڪري فيصلو صادر ڪري ٿو، مگر ناٽڪ نويس پنهنجي اداڪارن جي گفتگو ۽ ماحول جي ذريعي، انهن جي شخصيت جو نقشو اسان جي ذهن نشين ڪرائي ٿو.

شاهوانيءَ ناٽڪي فن تي هن طرح روشني وڌي آهي:

"ناٽڪي آکاڻيءَ جون پنج منزلون ٿينديون آهن. پهرين ابتدائي يا شروعاتي منزل جنهن ۾ نزاع يا جهڳڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ٻين پيچيدگيءَ واري منزل جنهن ۾ نزاع وڌندو ويندو آهي ۽ نتيجو ڪهڙو نڪرندو تنهن جي خبر نه پوندي آهي، ٽئين ترڪن بازيءَ واري منزل، هيءَ اها

نازڪ گهڙي يا ڪنڌ نوڙ ور يا فيصلہ ڪن منزل آهي، جنهن ۾ طرفين سان هڪڙي ڌر اهڙا طاقت حاصل ڪري ٿي جو انهيءَ ڌر جي ڪاميابي يقيني پئي معلوم ڪبي. چوٿين لاهيءَ واري يا منتهي منزل جنهن ۾ شڪست يا ڪاميابيءَ طرف پلاٽ ترقي ڪندو آهي، پنجين آهي آخرين منزل جنهن ۾ فتح يا شڪست ڏيکاري ويندي آهي."

"حقيقت ۾ انهن پنجن منزلن کان سواءِ هڪ ٻي بہ منزل آهي، جنهن ۾ آکاڻيءَ (پلاٽ) جي سمجهاڻي ڏنل هوندي آهي. ان کي تمهيد بہ چئبو آهي."

تمهيد ۾ تماشبينن کي اهي اطلاع ڏنا ويندا آهن، جيڪي پلاٽ سمجهڻ لاءِ ضروري هوندا آهن. انهن ۾ اداڪارن سان تعارف ڪرايو ويندو آهي. تمهيد جيتري مختصر هوندي، اوتري زياده موثر ٿيندي. تمهيد صاف، مختصر ۽ موثر هئڻ گهرجي. ان بعد ڌرين جي وچ ۾ جيڪو نزاع هجي، تنهن جو واضح طور تي اطلاع ملڻ گهرجي. نزاع واري منزل تڏهن شروع ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن ڪردار جي دل ۾ ڪنهن منزل حاصل ڪرڻ جي تمنا جاڳندي آهي ۽ هو انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏيندو آهي. نزاع يا ٽڪراءُ کي ناٽڪي پلاٽ يا آکاڻيءَ جو روح چيو ويندو آهي پيچيدگيءَ واري منزل ۾ اداڪار يا شخصيت جو عمل ۽ فعل اهڙو معقول هجي جو سمجهو چوي تہ اهڙو شخص اهڙيءَ حالت ۾ ائين ئي ڪندو يا ائين ئي ڪرڻ گهرجيس. انهيءَ منزل ۾ ڪنهن نئين ڳالهہ يا ازغيبي شخص جي واقفيت ڪرائڻ عقل ۽ ڪاريگريءَ جو ڏيوالو ڪڍڻو آهي. جهڳڙو

يا نزاع هلي هلي نيٺ وڃي اهڙي ڪڙيءَ تي پهچندو آهي جتي هڪڙي ڌر ٻئي ڌر تي فوقيت حاصل ڪندي آهي. انهيءَ منزل کي ترڪڻ بازي چيو وڃي ٿو. هن منزل تي اداڪار يا ڌرين مان هڪ، اهڙو فيصلہ ڪن قدم کڻندو آهي جو نتيجو اڳل پيو معلوم ٿيندو آهي. ترڪڻ بازي اهڙي نموني ۾ تيار ڪجي جو اداڪار ترڪي بہ ۽ ساڳئي وقت محسوس ڪجي تہ اڳين منزل ۾ سندس کنيل قدم انهيءَ لاءِ جوابدار آهن. اهڙي نازڪ ۽ ترڪڻ بازيءَ واري گهڙي گذرڻ بعد لاهيءَ واري منزل شروع ٿئي ٿي، جنهن ۾ نتيجي ڏانهن اشارا زياده نمايان ٿين ٿا. جيڪڏهن نتيجو ڪردار جي ڪاميابي هوندو تہ هن منزل تي اداڪارن جي وچ ۾ جيڪي مونجهارا ۽ غلط فهميون، رنڊڪون ۽ رڪاوٽون هونديون سي دور ٿينديون وينديون، پر جي نتيجو شڪست يا موت هوندو تہ اهو ڪردار ويندو مصيبتن ۾ وڌيڪ مبتلا ٿيندو. آخري منزل ۾ نزاع جو نتيجو ڏيکاريو ويندو آهي.

عام طور تي ناٽڪ ٻن نمونن ـ طنزيہ (۱) (Comedy) ۽ الميہ (Tragedy) جا ٿين ٿا. طنزيہ ناٽڪ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ناٽڪ جي سورمي کي جيڪي رستي ۾ رڪاوٽون اچن تن کي مغلوب ڪري وڃي پار پوي ۽ منزل مقصود کي پهچي. الميہ ناٽڪ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ سورمي تي سندس انتهائي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود آخر ۾ ايڏو مصيبتن جو پهاڙ ڪري پوي جو هو يا صاف شڪست کائي يا موت جو شڪار ٿئي.

---

(۱) (Comedy) لاءِ عام طور تي "طربيہ" جو اصطلاح ڪم آندو آهي ۽ نہ کي "طنزيہ". هتي "طنزيہ" جو اصطلاح مناسب ڪو نہ ٿو لڳي.

لانٽڪ نويس پنهنجي ناٽڪ جي اداڪارن جي ذريعي، پنهنجي موضوع ڪي ماڻهن جي آڏو اسٽيج تي پيش ڪري اهو ڪجهه ٻڌائي ۽ ڏيکاري ٿو، جيڪي ان موضوع بابت هن جي من ۾ هوندو آهي. هو ان بابت پنهنجن تجربن کي پيش ڪري، پنهنجي رايي جو اظهار ڪندو آهي. ناٽڪ نويس کي هڪ فنڪار جي حيثيت ۾ انهن شين جو تجربو ۽ پوري پوري واقفيت هئڻ گهرجي، جيڪي هو ٻين جي آڏو پيش ڪرڻ گهري ٿو. اها واقفيت يا ته ذاتي طور تي حاصل ڪيل هوندي اٿس يا ڪتابن جي اڀياس مان پرايل هوندي اٿس، پر ٻنهي صورتن ۾ پيشڪش هن جي پنهنجي هوندي آهي.

اهو ناٽڪ نويس ڪامياب ليکجڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو ناٽڪ ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ڪندو آهي، ۽ دلچسپي پيدا ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي، جنهن ۾ اداڪارن (ڪردارن) جي خصوصيات ۽ انهن جي شخصيات جي تاثرات تي زياده زور ڏنل هوندو آهي. ناٽڪ جي گفتگو اهڙي پراثر هئڻ گهرجي، جو هرهڪ لفظ مايه دار ۽ معنيٰ خيز هجي. واهيات گفتگو ۽ اجائي ٻڪ ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن کي گفتگو موقع ۽ حالتن سارو ڏيڻ گهرجي، جيڪا ڪردارن سان ٺهڪي ٺهڪي اچي. اها مختصر ۽ موثر ڪري ڏئي ۽ نه اهڙي جو ورجائي وڃي.

هتي اهو به ڄاڻائڻ ضروري آهي، ته هن ڪتاب ۾ هيتريون ساريون خوبيون هئڻ سان گڏ ڪٿي ڪٿي اصطلاح ۽ محاوره غلط طور تي استعمال ڪيا ويا آهن، ۽ ڪٿي ته مورڳوئي تلفظ جون غلطيون آهن.

غلط استعمال	صحيح صورت
معائينو	معاينو يا معائنو
الفاظن	الفاظ يا لفظن
حسن بياني	حسنِ بيان
سحر کي	سحر
مبالغ	مبالغو
فارغ البلال	فارغ البال

چند جملا ۾ پيش ڪجن ٿا، جن ۾ غلطيون آهن:

١- انهيءَ ڪري شاعر کي تلاميزالرحمان (خدا جو شاگرد) ڪري سڏيندا آهن. هتي تلاميز نه پر تلميذ استعمال ڪرڻ گهرجي. تلاميز، تلميذ جو جمع آهي.

٢- شاعريءَ جي توصيف ڪرڻ سولي ڳالهه نه آهي. هتي توصيف نه بلڪ وصف لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي.

٣- ميان آخوند لطف الله جو افسانو ”گل خندان“ جن پڙهيو هوندو. هتي افسانو نه بلڪ داستان لکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو اهو داستان جي زمره ۾ اچي ٿو، ۽ نڪي ڪي افساني جي.

٤- هڪ جو دماغ هلي ٿو ته ٻئي جي دل جو درياهه جوش ڪري متلاطم ٿئي ٿو. هتي دماغ هلي ٿو نه بلڪ دماغ ڪم ڪري ٿو لکڻ گهرجي، جيئن محاوره جو استعمال صحيح ٿئي.

٥- پر ان ۾ اهو نظريو اهڙو ته عام ۽ معمولي آهي، جو ان تي ڪير اک به نٿو کڻي سگهي. هتي لکڻ هيئن گهربو هو ته ان ڏانهن ڪنهن جو ڌيان به نٿو ڇڪبي يا وڃي سگهي.

ياد رهي ته انهيءَ ساڳئي ڳالهه يعني ”ادبي اصول“ جي عنوان سان پروفيسر منگهارام ملڪاڻي نومبر ١٩٥٠ع ۾ پنهنجو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو هو. شاهوانيءَ ۽ ملڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪجهه عنوان ساڳيا آهن، جهڙوڪ: شعر، ناول، ناٽڪ ۽ تنقيد پر باقي عنوان الڳ الڳ آهن، تنهنڪري ٻنهي ڪتابن جي اهميت پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آهي. البت ايترو چئبو ته ملڪاڻيءَ جتي ٻين تنقيدي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي هن ڪتاب کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجيس ها، ته پڙهندڙن کي صحيح معلومات ملي ها ۽ اها به سڌ پوي ها ته ڪانئس اڳ به ڪنهن شخص ان ڏس ۾ ڪهڙي محنت ڪري ڪارائتو لکيو آهي.

ادبي اصول متعلق ڪي رايا

احسان بدويءَ ان بابت لکيو آهي، ”واقعي هي پهريون ڪتاب آهي، جو هن سائنٽيفڪ طريقي تي سنڌي ادب ۾ تنقيد جي فن ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٻين موضوعن تي لکيو ويو آهي، پوءِ ڪٿي اهو ٻين ڪتابن جو نچوڙ ئي هجي. بهرحال هي ڪتاب سنڌي تنقيدي ادب ۾ فائدي کان خالي نه آهي“.

شمس الدين عرساڻي لکي ٿو، ”ادبي اصول“ سنڌي زبان ۾ پهريون ئي ڪتاب آهي، جنهن ۾ نظم کان سواءِ نثري صنفن جي فني اصولن تي ڀڙ روشني وڌل آهي. هيءُ ڪتاب هڊسن جي مشهور تصنيف- (An introduction to the study of literature) جي روشنيءَ ۾ لکيو ويو آهي. ترتيب ۽ خيالات سڀئي ان تي مبني آهن. ازانسواءِ ٻين به ڪن انگريزي ۽ اردو ڪتابن تان مدد ورتي وئي آهي. شاهواڻي صاحب

مغربي تنقيد جي اصولن کي سنڌي ادب تي منطق ڪيو آهي ۽ کهڙو ڪري سنڌي ادب جي مثالن سان ان تي تشريح ڪئي اٿس. الهيءَ ڪتاب ۾ ادب ۽ اصناف ادب جي مطالعي ڪرڻ جا اصول ۽ انهن جي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو صحيح طريقو ٻڌايو ويو آهي. خصوصاً شاعريءَ جو مطالعو نهايت دلچسپ ۽ ڪارآمد باب آهي. ناول ۽ ڊرامي جي عناصرن جو تجزيو به مختصر الفاظ ۾، گهڻي حسن ۽ خوبيءَ سان ڪيو ويو آهي. البت تنقيد جي فن متعلق تمام ٿورو لکيو ويو آهي، جنهن مان ان تي ڪا به خاص روشني پئجي نه سگهي آهي ۽ اهو باب اجا تشنهء تڪميل آهي.“